# گذري ويندي هيءَ

# جواني

**17-July-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



17 جولاءِ، 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ: 21 محرم شريف، 1447ھ) تي پاڪستان
جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# گذري ويندي هيءَ جواني

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... گهوٽ، ڪنوار سميت ڇڄ ٻڏي وئي
- ✿... زندگي جو حقيقي مقصد
- ✿... گهري دوستي رڪندڙ 2 ياڻرن جو موت
- ✿... سڀ گهر وارا نمازي بڻجي ويا
- ✿... هڪ نوجوان جو قابلِ رشڪ موت

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)
***For Feedback*** +92315 2692786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرتِ عبدالرحمٰن بن عَوف رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رَءُوۡفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيري ٻاهر تشريف فرما ٿيا تہ مان بہ سندن جي پنيان هليو ويس. پاڻ هڪ باغ ۾ داخل ٿيا ۽ سجدي ۾ تشريف فرما ٿيا، پاڻ سجدو ايترو تہ ڊگهو ڪيائون جو مون کي انديشو ٿيو تہ ڪٿي الله پاڪ سندن جو رُوح مبارڪ قبض نہ فرمائي ڇڏيو هجي، تنهنڪري مان سندن ويجهو ٿي ڪين غور سان ڏسڻ لڳس. جڏهن پاڻ پنهنجو سِرُ مبارڪ مٿي ڪنيو تہ فرمايائون: اي عبدالرحمٰن! ڇا ٿيو؟ مون جواب ۾ پنهنجو خدشو ظاهر ڪيو، تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جبرئيلِ امين (عَلَيۡهِ السَّلَام) مون کي چيو: ڇا اوهان کي هيءَ ڳالهہ خوش نٿي ڪري تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: جيڪو اوهان تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو مان ان تي رحمت نازل ڪندس ۽ جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو مان ان تي سلامتي نازل ڪندس[1]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي-[2]

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي- اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان

1... مسند احمد،حديث عبد الرحمن بن عوف الزهری،جلد:1، صفحہ:406،حديث:1662۔
2... بخاری، كِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

دل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَاللّٰہُ الْکَرِیم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، يارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مستقبل روشن ڪرڻ جو فڪر

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن انسان هوش سنڀاليندو آهي تہ سمجهندو آهي تہ بس مان هن دنيا ۾ اچي ويو آهيان، سو اچي ويو آهيان، هاڻي مون کي هتان رخصت ناهي ٿيڻو. اهوئي سبب آهي تہ اڄ هر ڪو پنهنجي روشن مستقبل جي فڪر ۾ مگن آهي ۞ ڪنهن کي پنهنجي قبر روشن ڪرڻ جو فڪر ناهي ۞ قيامت جي روشني بابت ڪو نٿو سوچي ۞ پُل صراط جيڪا تلوار جي ڌار کان وڌيڪ تکي، وار کان وڌيڪ سنهي ۽ جهنم جي پُٺيءَ تي نهيل آهي ۽ ان سان گڏ وڏا وڏا انگوڙا لڳل هوندا جيڪي لنگهڻ وارن کي پڪڙي پڪڙي جهنم ۾ اڇلائي رهيا هوندا، افسوس! ان پُل صراط جي اونداهي کي روشن ڪرڻ جو ڪنهن کي فڪر ناهي.

اڄ هر شخص اهو ئي چاهي ٿو تہ بس منهنجو دنياوي مستقبل روشن ٿي وڃي، چاهي ان لاءِ مون کي ڪافرن وٽ وڃڻو پوي يا پنهنجو ايمان داءُ تي لڳائڻو پوي! افسوس! بيشمار نوجوان پنهنجي مستقبل کي روشن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هوندا آهن تہ ويچارا اوچتو موت جو شڪار ٿي دلين ۾ روشن مستقبل جي حسرت کڻي اونداهي قبر ۾ وڃي پهچندا آهن! اچو هڪ اهڙي ئي نوجوان جو لرزائيندڙ داستان ٻڌو ۽ پنهنجي قبر ۽ آخرت روشن ڪرڻ جو فڪر ڪيو!

## هڪ گهوٽ جو لرزائيندڙ داستان

حضرت سعيد بن هاشم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ڳوٺ جي هڪ شخص پنهنجي ڌيءَ جي شادي جي موقعي تي پنهنجي گهر ۾ رقص و سرود (يعني ڳائڻ وڄائڻ)

جي محفل قائم ڪئي، ان گهر جي پرسان ئي قبرستان هو، رات جو جڏهن هي محفل پنهنجي عروج تي هئي تہ اوچتو ماڻهن قبرستان مان هڪ خوفناڪ آواز ٻڌو جنهن سان سندن دليون ڏڪي ويون ۽ اهي ائين خاموش ٿي ويا ڄڻ تہ انهن کي نانگ ڏنگي ويو هجي، پوءِ قبرستان مان ڪنهن هي شعر پڙهيا:

| | |
|---|---|
| يَااَهْلَ لَذَّةِ لَهْوٍ لَاتَدُوْمُ لَهُمْ | اِنَّ الْمَنَايَا تُبِيْدُ اللَّهْوَ وَاللَّعِبَا |
| كَمْ مَّنْ رَاَيْنَاهُ مَسْرُوْرًا بِلَذَّتِهٖ | اَمسٰى فَرِيْدًا مِّنَ الْاَهْلِيْنَ مُغْتَرِبَا |

ترجمو: يعني اي ناپائيدار راند روند جي لذتن ۾ مشغول رهڻ وارؤ! موت سموري راند روند کي ختم ڪري ڇڏي ٿو، ڪيترا ئي اهڙا هئا جن کي اسان هن لذت ۾ مست ڏٺو پر اهي پنهنجن ساٿين کان جدا ٿي دنيا ڇڏي ويا.

حضرت سعيد بن هاشم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خدا جو قسم! اجا ڪجهہ ئي ڏينهن گذريا هئا تہ گهوٽ جو انتقال ٿي ويو. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هر نوجوان جي خواهش هوندي آهي تہ مان شادي جهڙي پياري پياري سنت ادا ڪيان پر شادي جي تقريب (رسم) جي موقعي تي شايد مسلمان خدا کي وساري ڇڏيندا آهن. اوهان پنهنجي زندگي ۾ هزارين شاديون ٿيندي ڏٺيون هونديون پر صرف هڪ شادي اهڙي ڏيکاريو جيڪا صرف الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جي خاطر، شريعت جي دائري ۾ رهندي انجام تي پهتي هجي، بلڪ خود اوهان جي پنهنجي گهرن ۾ بہ شاديون ٿيون هونديون ۽ اوهان بہ رقص و سرور (يعني ناچ گانن) جون محفلون سجايون هونديون، تہ هاڻي ٿورو پنهنجي انجام کي هن سو سال پراڻي واقعي جي آئيني ۾ ڏسو ۽ عبرت حاصل ڪيو! ممڪن آهي ڪنهن جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ اچي تہ هي تہ سو سال پراڻو ۽ فرسوده واقعو آهي اڄڪلهہ ائين ڪٿي ٿيندو آهي؟ اچو ڪجهہ سال پهريان جو واقعو ٻڌو ۽ پنهنجي اندر فڪرِ آخرت پيدا ڪيو! جيئن تہ ڪجهہ سال پهريان هڪ اخبار ۾ هن طرح جي خبر شايع ٿي هئي تہ

## گهوٽ ڪنوار سميت ڄڃ ٻڏي وئي

بنگلاديش ۾ هڪ ڄڃ ميمن سنگ کان شادي جون رسمون ادا ڪرڻ ڪانپوءِ

1... شرح الصدور،باب زيارة القبور...الخ،صفحہ:217۔

بيڙي ۾ ســوار تي واپس اچي رهي هئي تہ اوچتو هڪ طوفاني لهر آئي ۽ ان بيڙي کي اونڌو ڪري ڇڏيو، جنهن جي نتيجي ۾ گهوٽ ڪنوار سـميت 15 ڄڻا ٻڏي موت جو شڪار ٿي ويا.

اي عاشقانِ رسول! هرگز ائين نہ سوچجو تہ پهريان شادين ۾ عبرت انگيز واقعا رونما ٿيندا هئا هاڻي نٿا ٿين چو تہ جيڪو هاڻي ٻڌڻ جو واقعو ڪجهہ سال پهريان جو آهي. ڏسو! جنهن جي شــادي هوندي آهي ان کي پنهنجي شــادي جي تمام گهڻي خوشـــي هوندي آهي ۽ شــادي جون رســمون ادا ڪرڻ کانپوءِ جڏهن جيڪي واپس اچي رهي هوندي آهي تہ گهوٽ کي وڏيڪ خوشي ٿيندي آهي، افسوس! انهيءَ خوشـــي ســان گڏ جيڪي واپس اچي رهي هئي تہ اوچتو موت جي هڪ ڌڪ گهوٽ ڪنوار ۽ ڄاڃين کي هميشہ هميشہ جي لاءِ موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو، انهن جون خوشيون ڦُري ورتيون ۽ انهن جي سيني ارمانن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.

## پوڙها ٿي عبادت ڪنداسين

اڄ جا نوجوان هن غلط فهمي ۾ آهن تہ اڃا اســان جوان آهيون جڏهن پوڙها ٿينداســين تڏهن ۞ نمازون پڙهنداســين ۞ عبادت جي خاطر مســجد ۾ پيا هونداسين ۞ تسبيح پڙهنداسين ۞ هينئر فجر ۾ سستي ٿي ويندي تہ پوڙها ٿي تهجد بہ ادا ڪنداسين، ايئن پوڙهائپ ۾ خوب عبادت ڪري جواني ۾ ڪيل غفلتن ۽ ڪوتاهين جي ڪمي پوري ڪنداسين.

نوجوانن کي پنهنجي ذهن مان هي خيال ڪڍي ڇڏڻ گهرجي تہ اهي پوڙها ٿيندا ڇو تہ هن ڳالهہ جي ڪا گارنٽي ناهي تہ ڪير ڪڏهن مرندو؟ جن جي دل ۾ پوڙهائپ جي خواهش آهي انهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ صــرف پوڙها ئي ناهن مرندا جوانن کي بہ موت ايندو آهي. عين ممڪن آهي تہ پوڙهائپ جي خواهش رکندڙ جوانن کي پوڙهائپ جي ڏاڪڻ تي قدم رکڻ ئي نصــيب نہ ٿئي ۽ اهي موت جو شـــڪار ٿي اونداهي قبر ۾ وڃي پهچن. افســوس! روڊ تي هلندڙ اسڪوٽر، ڪارون ۽ آئل ٽينڪر نہ ڄاڻ ڪيترن ئي نوجوانن جي زندگين جا ڏيئا وسائي ڇڏيندا آهن، جيئن تہ

## زال مڙس ٻه ٻار ڇيپاٽجي ويا

هڪ پيري سپر هاءِ وي تي هڪ ڪار ۽ آئل ٽينڪر ۾ ٽڪر ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار زال مڙس ۽ انهن جا 2 ٻار ان وقت ئي ڇيپاٽجي ويا.

## پوڙهن جي غمناڪ حالت

اي جوانو! توهان ڪهڙي خوش فهمي ۾ مبتلا آهيو ۽ توهان ڪي ڪيئن يقين ٿي ويو ته پوڙهائپ ڏسڻ نصيب ٿيندي؟ جيڪڏهن توهان کي پوڙهائپ جي تمنا آهي ته ۞ ٿورو پنهنجي گهر ۾ موجود ڪنهن پوڙهي جي جسماني حالت ڏسي وٺو ۞ جيڪڏهن گهر ۾ ڪو پوڙهو ناهي ته رشتيدارن مان ڪنهن پوڙهي شخص کي ڏسي وٺو ۞ جيڪڏهن اتي به ناهي ته پنهنجي پاڙيسرين جي ڪنهن پوڙهي ماڻهوءَ کي ڏسي وٺو ۞ ۽ جيڪڏهن ڪٿي نٿو ملي ته اسپتال ۾ وڃي ڪنهن پوڙهي مريض کي ڏسي وٺو، خبر پئجي ويندي ته ويچارن پوڙهن جي ڪهڙي حالت هوندي آهي! افسوس! ويچارا ۞ ڪاڻ پيئڻ ۞ هلڻ ڦرڻ ۞ ٻڌڻ ڏسڻ ۞ ايتري تائين جو استنجا جي حوالي سان به محتاج هوندا آهن. ايترو ته سيئي ڄاڻن ٿا ته پوڙهائپ بيمارين جو ڳڙهه هوندو آهي پر افسوس! ان جي باوجود اسان جي معاشري ۾ پوڙهن سان همدردي نٿي ڪئي وڃي! ڪو انهن کي جِهڻڪي ٿو ته ڪو کِهلي ٿو ايتري قدر جو ويچارن سان پاڻ پنهنجو سڳو اولاد به نه ڪرڻ جهڙو سلوڪ ڪندو آهي.

## پوڙهن سان اهڙو سلوڪ ڇو ٿي رهيو آهي؟

پوڙهن سان اهڙو سلوڪ ان ڪري ٿي رهيو آهي ته ماءُ پيءُ کي صرف پنهنجي اولاد جي روشن مستقبل جو فڪر هوندو آهي ته ڪنهن طريقي سان اسان جو ٻچو ۞ پڙهي لکي هوشيار ٿي وڃي ۞ موجوده زماني جي حساب سان هلي ۞ مادرن ٿئي ۞ ڊاڪٽر بڻجي ۞ انجنيئر بڻجي ۞ خوب پيسو گڏ ڪري پنهنجو مستقبل روشن ڪري ۞ ۽ پوءِ اسان جي پوڙهائپ جو سهارو بڻجي. ماءُ پيءُ جي اهڙي سوچ ۽ ڪوشش سان ڪڏهن ڪڏهن دنياداري جي لحاظ سان ته ٻار جو مستقبل روشن ٿي ويندو آهي پر اهو پنهنجي پوڙهن ماءُ

پيءُ جو سهارو ناهي بڻجي سگهندو ڇو تہ ان کي ماءُ پيءُ جي اهميت جي باري ٻڌايو ئي ناهي ويندو. ياد رکو! ۞ ماءُ پيءُ جي اهميت سائنسدان ناهن ٻڌائيندا ۞ ڊاڪٽرن جي ڊگرين ۾ ماءُ پيءُ جي اهميت ناهي ٻڌائي ويندي ۞ انجنيئرنگ جو پورو ڪورس ڏسي وٺو ان ۾ ماءُ پيءُ جي اهميت نہ ملندي. جيڪڏهن ماءُ پيءُ چاهين ٿا تہ واقعي اولاد انهن جي پوڙهائپ جو سهارو بڻجي تہ پنهنجي اولاد کي قرآن و حديث پڙهايو ڇو تہ قرآن و حديث ۾ ماءُ پيءُ جي اهميت ٻڌائي وئي آهي. اهڙي طرح پنهنجي اولاد کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شرڪت ڪرايو تہ انهن ۾ بہ ماءُ پيءُ جي اهميت ٻڌائي ويندي آهي.

## ڪٿي اسان جو پٽ مولوي نہ بڻجي وڃي

افسوس! اجڪلهہ گهڻا ئي ماءُ پيءُ جڏهن پنهنجن ٻچن کي سنتن ڀرئي اجتماعن ۾ ايندي ويندي ۽ عمامو شريف سجائيندي ڏسندا آهن تہ انهن کي فڪر ٿيندو آهي تہ ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ سبب ڪٿي اسان جو ٻار مولوي بڻجي پنهنجو روشن مستقبل اونداهو نہ ڪري ويهي! افسوس! انهيءَ فڪر ۾ مبتلا ٿي ماءُ پيءُ پنهنجن ٻارن کي سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ عمامو شريف سجائڻ کان روڪي ڇڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ روشن مستقبل جي فڪر ۾ مبتلا ماءُ پيءُ پنهنجي جنهن پٽ کي ديني ماحول کان پري ڪندا آهن اهو ئي پٽ ڪنهن حادثي يا بيماري جو شڪار ٿي عين جواني جي عالم ۾ هن فاني دنيا مان رخصت ٿي ويندو آهي. ان سلسلي ۾ هڪ عبرت انگيز واقعو پيشِ خدمت آهي

## فوڊ پوائزن سان هڪ نوجوان جو موت

هڪ 15 يا 17 سالن جي نوجوان دعوتِ اسلامي جي اولين مدني مرڪز جامع مسجد گلزارِ حبيب ۾ رمضان شريف جي آخري عشري جي اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي، جنهن جي برڪت سان اهو هفتيوار سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو ۽ ان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت عمامو شريف بہ مٿي تي سجائي ورتو. ائين ٿيندي ڏسي روشن مستقبل جو فڪر ڪرڻ وارن والدين کي پنهنجي ٻار جو مستقبل

اونداهو نظر اچڻ لڳو، شايد انهن سوچيو هوندو ته اسان جي ٻچي عمامو ته ٻڌي ورتو آهي، هاڻي ڪٿي ڏاڙهي رکي مولوي نه بڻجي وڃي، تنهنڪري والدين ان کي ســنتن ڀرين اجتماعن ۾ شــرڪت ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. ان نوجوان نه مڃيو ته ان کي خوب مارڪٽ ڪئي وئي ايتري قدر جو جڏهن ظلم حد کان وڌيو ته ويچارو همت هاري وينو ۽ ڊپ جي ڪري دعوتِ اســلامي جي ســنتن ڀرين اجتماعن ۾ اچڻ ڇڏي ڏنائين. ظاهر آهي جڏهن انســان ســنتي ماحول کان پري ٿيندو آهي ته نمازن کان به پري ٿي ويندو آهي، افســوس! اهو ويچارو به نمازن کان پري ٿي ويو. تقريباً هڪ سال تائين اهو نوجوان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان پري رهيو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ان کا کاڌي جي شــيءِ کاڌي ته ان کي فوڊ پوائزن (FOOD POISON) ٿي ويو، جنهن ســبب ان جي حالت آهســتي آهســتي خراب ٿيڻ شــروع ٿي وئي ايســتائين جو ان کي پاڪســتان جي هڪ مهانگي اسپتال ۾ ايڊمٽ ڪرڻو پيو.

انهن جي گهر مان (اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه) کي ڪنهن پيغام ڏنو ته اسان جو پٽ اوهان کي ياد ڪري رهيو آهي. (اميرِ اهلِ ســنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ارشــاد فرمائن ٿا:) جڏهن مان ان نوجوان جي عيادت لاءِ اســپتال ويس ته ڏٺم ته ان جون اکيون ٻاهر نڪري آيون هيون ۽ ان جو چهرو ايترو ڊيڄاريندڙ ٿي چڪو هو جو ان کي ڏســڻ همت وارو ڪم هو. بهرحال ڪيترائي ڏينهن بستري تي رهڻ کان پوءِ آخرڪار اهو نوجوان جنهن کي ان جي والدين روشــن مســتقبل جي فڪر ۾ ڏاڙهي رکڻ، مٿي تي عمامو ســجائڻ ۽ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو هو، موت جو شڪار ٿي اونداهي قبر ۾ لهي ويو.

يقين ڄاڻو! اهو نوجوان وڏو ديندار ۽ عاشقِ رسول هو. ايتري قدر جو دعوتِ اســلامي جي ديني ماحول ۾ رهندي ان کي ڪيترائي ڀيرا پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت به نصيب ٿي چڪي هئي پر افســوس! ماءُ پيءُ ان کي ديني ماحول کان ان ڪري پري ڪيو ته جيئن ان جو مستقبل روشن ٿي وڃي پر اهو پنهنجي ماءُ پيءُ جو مستقبل هميشه لاءِ اونداهو ڪري دنيا مان رخصت ٿي ويو. الله پاڪ ان نوجوان جي مغفرت فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو هن دنيا مان رخصت ٿيندو آهي ان لاءِ دنيا جون رونقون، رونقون ناهن رهنديون، دنيا جا هنگاما، هنگاما ناهن رهندا، ملڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جو انقلاب اچي مرڻ واري کي ان سان ڪو سروڪار ناهي هوندو، بس اهو ويچارو دل ۾ گهٽيون ٿي تمنائون کڻي اونداهي ۽ اونهي قبر ۾ وڃي پهچندو آهي.

بدقسمتي سان اڄڪلهہ مسلمان ان ڪري پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن جو اسان جو تعلق فلاڻي قوم ۽ فلاڻي قبيلي سان آهي ۽ اسان فلاڻي زبان ڳالهائڻ وارا آهيون تنهنڪري اسان کي پنهنجا حق ملڻ گهرجن، حالانڪہ حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن لساني، نسلي ۽ علائقائي اختلاف مٽائي سڀئي مسلمان هڪ ٿي وڃن تہ سڀئي نفرتون ختم ٿي وينديون، سڀني کي پنهنجا پنهنجا حق ملندا ۽ مسلمان سرخرو ٿيندا.

افسوس! اڄ مسلمان تباهہ حال آهن! سمجهايو تہ سمجهڻ لاءِ تيار ناهن ٿيندا. يقين ڄاڻو! ان وقت وڏي تڪليف ٿيندي آهي تہ جڏهن ڪنهن مسلمان کي آخرت جو خوف ڏياريو وڃي يا نماز پڙهڻ جي ترغيب ڏياري وڃي يا دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وڃي تہ اهو بيزاري سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳندو آهي، بڌي اڻ بڌي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڳالهہ بدلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

## مبلغن کي همت نہ هارڻ گهرجي

نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن کي گهرجي تہ ڪو انهن جي ڳالهين تي توجهہ ڏئي يا نہ ڏئي يا برو ڀلو ڪجهہ بہ چوي، بس اهي صبر جو دامن جهليندي هن انداز سان نيڪي جي دعوت ڏين تہ سامهون واري ۾ موجود شيطاني جذبو ٿڌو ٿي وڃي. ڏسو! جڏهن شيطاني جذبو ٿڌو ٿيندو تہ شرارت ۽ مستي خود بخود ختم ٿي ويندي ۽ اهو ڳالهہ کي غور سان ٻڌندو، ايئن اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندا.

ياد رکو! جنهن کي اوهان نيڪي جي دعوت پيش ڪيو ضروري ناهي تہ اهو ڦهرئين يا ٻئي ڀيري ۾ ئي اوهان جي دعوت قبول ڪري وٺي تنهنڪري

اوهان موقعي بہ موقعي ســـمجهائيندا رهو، دل ئي دل ۾ ان بابت ڪُڙهندا رهو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هڪ ڏينهن اهو اوهان جي دعوت ضـــرور قبول ڪندو پر ڪنهن جي پنيان ايترو بہ نہ پئو جو بيزار ٿي اهو اوهان کان دوري اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي.

## دين سان گڏ دنيا ڪي بہ ساڻ ڪٽي هلڻ گهرجي

ڪجھ ماڻھو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ اسلامي ڀائرن کي هن طرح سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ **ملا بڻيا وتو ٿا، معاشري سان گڏ نٿا هلو حالانڪہ دين سان گڏ دنيا بہ ڪٽي هلڻ گهرجي وغيره وغيره.**

اهڙن کي عرض آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ اسلامي ڀائرن بہ دنيا ناهي ڇڏي، اهي بہ ٻين ماڻھن وانگر پنهنجن ٻارن ٻچن جي ڪفالت ڪندا، رزقِ حلال ڪمائيندا ۽ کائيندا آهن.

پيارا اســلامي ڀائرو! اوهان بيان جي شــروعات ۾ ڪجھ نوجوانن جي موت سان متعلق عبرتناڪ واقعا ٻڌا. افسوس! آئي ڏينهن نوجوانن جا عبرتناڪ موت واقع ٿيندا رهن ٿا. ان ضـــمن ۾ هڪ ٻيو عبرت انگيز واقعو ٻڌو! جيئن تہ تمام پراڻي ڳالھ آهي تہ هڪ نوجوان اميرِ اهلِ ســـنت، مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو آڊيو بيان "زميں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے" ٻڌو تہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي نالي هڪ خط لکي موڪليو، جنهن ۾ ان پنهنجي برادري جي هڪ نوجوان جي عبرتناڪ موت جو واقعو بيان ڪيو هو. عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ان خط جي مضمون جو خلاصو پيش ڪجي ٿو، ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو:

## هڪ نوجوان جو عبرتناڪ موت

ان نوجوان خط ۾ لکيو تہ ڪراچي جي هڪ علائقي ۾ هر ســال ميلو منعقد ڪيو ويندو آهي جتي 8 ڏينهن تائين مختلف وقتن تي خوب دهل وڄندا آهن ۽ مردَ ۽ عورتون گڏجي نچندا آهن. اســان جي خاندان جا ماڻھو بہ هر ســال پابندي ســـان ميلي ۾ شـــرڪت ڪندا، نچندا ۽ دهل وڄائيندا آهن. برادري وارن جي ناراضــگي کان بچڻ لاءِ نہ چاهيندي بہ هڪ ٻيري مان بہ مسـلسـل 3 ڏينهن تائين

هن ميلي ۾ شريڪ ٿيس پر مان اتي ويندو هيس ۽ ڪنهن بهاني جلد واپس گهر موٽي ايندو هيس. هڪ ڏينهن ائين ٿيو ته سيئي موالي گڏ هئا، سگريٽ نوشي هلي رهي هئي، مرد ۽ عورت بدمست ٿي نچي رهيا هئا، ايتري ۾ اسان جي برادري جي هڪ نوجوان کي خوب جوش آيو ۽ اهو مدهوش ٿي نچندي، نچندي ميلي جي ويجهو مين روڊ تي وڃي پهتو، ڏسندي ئي ڏسندي اتي ان کي هڪ تيز رفتار بس چيپاٽي وڌو جنهن جي نتيجي ۾ اهو ويچارو پرپور جواني جي عالم ۾ عبرتناڪ موت جو شڪار ٿي ويو. اللّٰه پاڪ ان نوجوان جي مغفرت فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## گنهگار مسلمانن سان همدردي

اي عاشقانِ رسول! معاشري ۾ نيڪ ۽ بد هر طرح جا ماڻهو موجود آهن تنهنڪري اسان کي نيڪ ماڻهن سان گڏوگڏ گنهگار مسلمانن سان به همدردي هئڻ گهرجي بلڪ پاڻ کي گنهگار سمجهندي عاجزي اختيار ڪرڻ گهرجي ته اهو ئي اسان جي اسلاف جو طريقو آهي. اسان جا بزرگان دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم اللّٰه پاڪ جا نيڪ ۽ مخلص ٻانها هجڻ جي باوجود پاڻ کي گنهگار سمجهندا هئا ۽ خوب عاجزي اختيار ڪندا هئا.

## مون کان اڳ ڪو به نڪري نه سگهندو

حضرتِ مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪو مسجد جي دروازي تي بيهي اعلان ڪري ته توهان مان جيڪو سڀ کان برو آهي اهو ٻاهر نڪري وڃي ته خدا جو قسم! مون کان پهريان ڪو به نڪري نه سگهندو پر اهو ته ڪو پنهنجي طاقت جي زور تي يا ڊوڙڻ ۾ مون کان اڳرائي ڪري وڃي. (1)

سُبْحٰنَ اللّٰه! حضرتِ مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪيڏي نه عاجزي هئي! بزرگن جا اهڙا واقعا ان ڪري بيان ڪيا ويندا آهن ته جيئن اسان جهڙن گنهگار مسلمانن کي عبرت حاصل ٿئي، اسان جون پاڻ کي نيڪ سمجهڻ جهڙيون خوش فهميون دور ٿين ۽ اسان کي پنهنجي روشن مستقبل جي آرزو سان

1... احياءالعلوم،كتاب ذم الكبر والعجب،بيان فضيلة التواضع،جلد:3، صفحه:420 ـ

گڏوگڏ پنهنجي قبر روشن ڪرڻ جو بہ فڪر لاحق ٿئي. معاشري ۾ ڏسي سگهجي ٿو تہ گهٽ ماڻهن کي پنهنجي آخرت جو ڪو فڪر ناهي هوندو ايتري تائين جو اهي ان حوالي سان سوچڻ ۽ ان موضوع تي گفتگو ڪرڻ يا ٻڌڻ لاءِ بہ تيار ناهن هوندا.

افسوس! اسان وٽ تقريبن سڀني معاملن ۾ دنيا کي مقدم ۽ پيشِ نظر رکيو ويندو آهي ۞ اوهان ملڪي ۽ شهري نظام ڏسو سڀني ۾ دنياوي زندگي جي اصلاح جو ڪجھ نہ ڪجھ اهتمام ضرور آهي پر ديني زندگي جي اصلاح جو ڪو اهتمام ناهي ۞ اوهان کي اسڪول ۞ ڪاليج ۞ ۽ يونيورسٽين جا قيام نظر ايندا ۞ راند روند جون ٽيمون نهندي نظر ايندين جن تي سالانہ لکين بلڪ ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا ويندا آهن پر ڇا دين لاءِ بہ ڪو اهڙو انتظام ڪيو ويو آهي؟ هرگز نہ.

جيڪڏهن ڪجھ ادارا نهيل آهن تہ انهن جو حال انتهائي برو آهي. اسان پاڻ پنهنجي باري ۾ غور ڪريون تہ اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجي اهل و عيال جي اصلاح جو ڪيترو فڪر آهي؟ حالانڪ قرآنِ پاڪ ۾ ان جو واضح طور تي حڪم ارشاد فرمايو ويو آهي جيئن تہ سيپارو 28 سورت تحريم جي آيت نمبر 6 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين ۽ گهر وارن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن

## دنيوي تعليم سان گڏ ديني تعليم بہ ڏياريو

اڄڪلھ ڪنهن کي پنهنجي اهل و عيال جي اصلاح جو فڪر آهي؟ ٻار ٿورو هوش سنڀاليندو آهي تہ ماءُ پيءُ ان کي صرف دنيوي تعليم ڏياريندا آهن. بيشڪ پنهنجن ٻارن کي دنياوي تعليم ڏياريو پر ان سان گڏوگڏ ديني تعليم ڏيارڻ جو بہ اهتمام ڪريو، قرآن و حديث پڙهايو، سنّي ماحول ۾ موڪليو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنتن تي عمل ڪرڻ

جي ترغيب ڏياريو. ڏسو! ۞ جڏهن اوهان پاڻ سنتن تي عمل نہ ڪندا تہ پنهنجن ٻارن کي ڪيئن ترغيب ڏياريندا؟ ۞ جڏهن اوهان پاڻ چهري تي ڏاڙهي جهڙي پياري پياري سنت نہ سجائيندا تہ پنهنجن ٻارن کي ڏاڙهي رکڻ جي ترغيب ڪيئن ڏياريندا؟ ۞ جڏهن اوهان پاڻ عمامو شريف نہ سجائيندا تہ پنهنجن ٻارن کي ڪيئن عمامي شريف سجائڻ جي تلقين ڪندا؟ ۞ جڏهن اوهان پاڻ نمازن جي پابندي نہ ڪندا ۽ نمازِ فجر جي وقت بستري تي ستل رهندا تہ پنهنجن ٻارن کي نمازن جو پابند ڪيئن بڻائيندا؟ ۞ جيڪڏهن اوهان پاڻ سگريٽ پيئندا ۽ پٽ کي منع ڪندا تہ پٽ سوچيندو تہ ابو پاڻ تہ مزي سان سگريٽ پيئندو آهي پر مون کي روڪيندو آهي، ضرور ان ۾ ڪا خوبي هوندي، هاڻي اهو گهٽين ۾ لڪي لڪي سگريٽ پيئندو.

ياد رکو! جنهن نصيحت تي پيءُ پاڻ عمل ڪندو ان جو اثر ٻارن تي بہ ٿيندو ۽ جنهن نصيحت تي اهو پاڻ عمل نہ ڪندو ٻارن تي بہ ان جو اثر نہ ٿيندو. ڏسو! جيڪڏهن اوهان ٻارن جي سامهون نماز پڙهندا رهندا تہ هاڻي جيتوڻيڪ اوهان انهن کي نماز پڙهڻ جو نہ چئو پوءِ بہ اهي اوهان کي ڏسي ڪري نماز پڙهڻ شروع ڪري ڏيندا ۽ انهيءَ انداز سان رڪوع ۽ سجدا ڪندا جيئن اوهان ڪندا آهيو.

## نماز ۾ خشوع و خضوع

اي عاشقانِ رسول! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰه نماز پڙهڻ جو حق ادا ڪري ويا، اسان کي انهن جهڙيون نمازون پڙهڻ ڪٿي اينديون آهن؟ افسوس! انهن جهڙو خشوع و خضوع اسان جي نمازن ۾ ڪٿي؟ اسان جڏهن نماز پڙهڻ شروع ڪندا آهيون تہ اسان کي طرح طرح جون سوچون لاحق ٿي وينديون آهن مثلاً ۞ جلدي جلدي نماز پڙهٽي آهي جو تہ دڪان تي گراهڪ انتظار ڪري رهيا آهن ۞ اهڙي طرح اسان نماز ۾ اهو بہ سوچي رهيا هوندا آهيون تہ واپسي تي اسان کي دڪان تان فلاڻي شيءِ خريد ڪرڻي آهي يا فلاڻي دڪاندار جو تمام گهڻو قرض ڏيڻو آهي هاڻي ان جي سامهون ڪيئن لنگهون؟ تنهنڪري گهٽي بدلائي گهر ويندا سين وغيره وغيره. غور ڪريو! جڏهن هن طرح جا خيال نماز ۾ ايندا تہ اسان ڪيئن خشوع و خضوع حاصل ڪري سگهنداسين؟

# زندگي جو حقيقي مقصد

پيارا اسلامي ڀائرو! زندگي جو حقيقي مقصد بئنڪ بيلنس ٺاهڻ ناهي بلڪ عبادت جي ذريعي رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ ۽ ثوابِ آخرت ڪمائڻ آهي. جيڪي ماڻهو بئنڪ بيلنس ٺاهي دنيا مان رخصت ٿيا اهو انهن جي ڪهڙي ڪم آيو؟ اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْهِم هن خوف سان مال جمع نه ڪندا هئا ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو دنيا مان رخصت ٿيڻ کانپوءِ اسان جا پار اسان جي جمع ڪيل مال سان گناهن ۾ مبتلا ٿي وڃن ۽ اسان گناهن جي معاملي ۾ انهن جا مددگار شمار ڪيا وڃون.

# منهنجي دولت جي ضرورت ناهي

حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي وصالِ ظاهري جو جڏهن وقت آيو ته ماڻهن عرض ڪيو: پنهنجن ٻارن لاءِ ڪجهه ڇڏي وڃو ها ته سٺو ٿئي ها. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: جيڪڏهن منهنجا ٻار گنهگار آهن ته مان انهن لاءِ مال ڇڏي گناهن تي انهن جو مددگار نٿو بڻجڻ چاهيان ۽ جيڪڏهن منهنجا ٻار نيڪ آهن ته انهن کي منهنجي دولت جي حاجت ناهي، الله انهن لاءِ ڪافي آهي.[(1)]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! اسان جي اسلاف (اڳين نيڪ بزرگن) جي ڪيڏي نه مدني سوچ هوندي هئي، جڏهن ته اسان جي سوچ ان جي ابتڙ آهي؟ اسان پنهنجو بئنڪ بيلنس وڌائڻ لاءِ خوب ڪوڙ ڳالهائيندا، رشوتون وٺندا، هڪ ٻئي کي ڌوڪو ڏيندا ۽ ملاوت وارو مال وڪرو ڪندا آهيون ۽ پوءِ هن طرح سان جمع ڪيل مال جو آخر ٿيندو ڇا آهي؟ اهو ئي ته اهڙو مال آخرت جي وبال جو سامان بڻبو آهي ۽ هڪ ڏينهن ٻانهو ان کي ڇڏي اوچتو دنيا مان رخصت ٿي ويندو آهي. جيئن ته

# هڪ سيٺ جو اوچتو موت

تمام پراڻي ڳالهه آهي ته هڪ سيٺ وٽ مال خريد ڪرڻ لاءِ آمريڪا مان تمام وڏو تاجر آيو، سيٺ کي ان جي اچڻ جي ايتري خوشي ٿي جو خوشي سان ان جو هارٽ فيل ٿي ويو ۽ ان اتي ئي دم ڏئي ڇڏيو.

1... مكاشفة القلوب،الباب الثامن والثلاثون فی ذم المال،صفحہ:143ملخصاً۔

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪو سرمائي دار دنيا مان رخصت ٿيندو آهي ته اخبارن ۾ ان جي نالي سان تعزيتي پيغام ڇاپيا ويندا آهن ۽ ان جي ياد ۾ مختلف جاين تي تعزيتي جلسا منعقد ڪيا ويندا آهن پر حقيقي معنيٰ ۾ ان سان همدردي ڪرڻ وارو ڪو ڪو هوندو آهي. عام طور تي تعزيت ڪرڻ جو مقصد اهو ئي هوندو آهي ته انتقال ڪرڻ واري سرمائي دار جو اولاد خوش ٿي وڃي ته جيئن آساني سان پنهنجا ڪم ڪرائي سگهجن، ته ايئن ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد صرف پنهنجي دنياوي مفاد جي خاطر تعزيت ڪندو آهي.

افسوس! دنيا وڏي بي وفا ۽ مطلبي آهي، تنهنڪري صرف الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪيو نه ته دنيا وارن سان محبت ڪرڻ جي عيوض ڪجهه هٿ نه ايندو. جيڪڏهن اوهان ڪنهن سان دوستي ڪرڻ چاهيو ٿا ته الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو ۽ جيڪڏهن پهريان کان دوستي آهي ته سوچيو! اها دوستي الله پاڪ جي رضا جي خاطر آهي يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ؟ ڪٿي ان ڪري ته ناهي جو دوست اوهان تي پنهنجو مال خوب خرچ ڪندو آهي يا ان جو رنگ روپ اوهان کي سٺو لڳندو آهي يا لطيفا ٻڌائي اهو اوهان سان دل لڳي ڪندو آهي وغيره وغيره. جيڪڏهن اوهان ڪنهن سان ان ڪري دوستي رکي آهي ته اهو اوهان کي دين سيکاريندو آهي، سنتن تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندو آهي، نمازِ فجر جي ادائيگي لاءِ جاڳائيندو آهي ته اهڙي دوستي مرحبا! پر افسوس! هاڻي ماڻهن جي وڏي اڪثريت ذاتي ڪشش جي ڪري دوستي ڪندي آهي. افسوس! موت گهري کان گهري دوستي ختم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ گهري دوستي ٿوري ئي مدت ۾ موت جو شڪار ٿي دنيا مان رخصت ٿي ويندا آهن. ان ضمن ۾ هڪ عبرت انگيز واقعو ٻڌو!

## گهري دوستي رکندڙ 2 ڀائرن جو موت

حضرتِ علّامہ جلال الدين سيوطي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نقل فرمائن ٿا: 2 ڀائرن جي پاڻ ۾ تمام گهري دوستي هئي، وڏو ڀاءُ اصفهان ويو ته ننڍي ڀاءُ جو انتقال ٿي ويو. جڏهن وڏو ڀاءُ اصفهان مان واپس آيو ۽ ان کي خبر پئي ته ننڍي ڀاءُ جو انتقال ٿي ويو آهي ته اهو تمام گهڻو ڏکارو ٿيو ۽ روزانو قبرستان ويندو رهيو

ايتري تائين جو 7 مهينا اهڙي طرح گذري ويا. هڪ ڀيري حسب معمول پنهنجي پياءُ جي قبر تي ويو ته ان قبرستان جي سناٽي مان هڪ غيبي آواز ٻڌو جيڪو هڪ عربي شعر تي مشتمل هو:

| | |
|---|---|
| يَا أَيُّهَا الْبَاكِي عَلَى غَيْرِهِ | نَفْسَكَ أَصْلِحْهَا وَلَا تَبْكِهِ |
| إِنَّ الَّذِي تَبْكِي عَلَى أَثَرِهِ | تُوشِكُ أَنْ تَسْلُكَ فِي سِلْكِهِ |

ترجمو: اي ٻئي تي روئڻ وارا! ان تي نه رؤ پنهنجي اصلاح جو فڪر ڪر! تون پنهنجي پياءُ تي روئي رهيو آهين حالانڪ عنقريب تون پاڻ به انهيءَ صف ۾ شامل ٿي ويندين (يعني عنقريب تنهنجو نالو به مئلن جي فهرست ۾ اچي ويندو ۽ توکي به مرحوم چيو ويندو).

جڏهن وڏي پياءُ هي آواز ٻڌو ته ان تي ڏڪٽي طاري ٿي وئي ۽ اهو گهر موٽي آيو، پوءِ 3 ڏينهن بعد ان جو به انتقال ٿي ويو ۽ ان کي پنهنجي ننڍي پياء جي پر ۾ دفن ڪيو ويو. (1)

اي ڪاش! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عشق ۾ اسان جي جان نڪري! ان ضمن ۾ هڪ عاشقِ رسول نوجوان جي موت جو ايمان افروز واقعو ٻڌو! ۽ ان جي قسمت تي رشڪ ڪريو.

## هڪ نوجوان جو قابلِ رشڪ موت

اميرِ اهلِ سنت، مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بيان فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان مسجد نبوي شريف ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن شريفن ڏانهن منهن ڪري باادب وينو هيس ته ايتري ۾ هڪ نوجوان منهنجي ويجهو آيو ۽ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چوڻ لڳو: منهنجو نالو غلام سرور آهي، منهنجو تعلق پاڪستان جي صوبي پنجاب سان آهي، مان ڪم جي سلسلي ۾ هتي آيو آهيان ۽ تقريبن چار سالن کان مقيم آهيان. بهرحال ڪجهه دير ان سان ڳالهه ٻولهه ٿي، اهو هليو ويو ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ايندي ويندي ان سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي. هڪ ڀيري ملاقات ٿي

1... مكاشفة القلوب، باب زيارة القبور...الخ،صفحه:218ملخصاً.

تہ دورانِ گفتگو ان ٻڌايو تہ هڪ پيري مون هڪ اهڙي نوجوان کي ڏٺو جنهن جو چهرو تمام نوراني هو، اهو بابِ جبريل مان مسجد نبوي شريف ۾ داخل ٿيو، مان بہ ان جي پٺيان پٺيان هليو ويس، اهو بابِ جبريل کان کاٻي طرف هليو ويو، جڏهن تہ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضري ڏيڻ وڃي رهيو هو، هاڻي اهو سر جهڪائي هيبت ۽ ادب جو مجسمو بڻجي سائي جارين ڏانهن وڌي رهيو هو، جيئن ئي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن شريفن جي سڌ ۾ پهتو تہ اوچتو زمين تي ڪريو ۽ ان اتي ئي دم ڏئي ڇڏيو.

جب تری یاد میں دُنیا سے گیا ہے کوئی | جان لینے کو دلہن بن کے قضا آئی ہے

اي عاشقانِ رسول! پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن شريفن ۾ دم ٽوڙڻ وارو نوجوان يقيناً وڏو خوش نصيب ۽ قابلِ رشڪ آهي! افسوس! جيڪو ويچارو فلم ڏسي سينيما گهر مان ٻاهر نڪري ۽ فائرنگ وغيره ڪنهن حادثي جو شڪار ٿي موت جي منهن ۾ هلي وڃي اهو بد نصيب ۽ قابلِ عبرت آهي!

الله پاڪ اهڙي موت کان اسان سڀني جي حفاظت فرمائي ۽ اسان کي گنبدِ خضرا جي سائي ۾ شهادت جو موت، جنت البقيع ۾ مدفن ۽ جنت الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان پنهنجي دل ۾ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جا جام پيئڻ چاهيو ٿا تہ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، هن ماحول جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توهان سنتن جا پابند بڻجي ويندا، اوهان جي ذهن ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مديني منور جون روشن يادون آباد ٿينديون ۽ اوهان کي پنهنجي آخرت سنوارڻ جو فڪر نصيب ٿيندو.

پنهنجي اندر ۾ فڪرِ آخرت جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ اميرِ اهلِ سنت، مولانا

محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا كتب و رسائل ۾ تحريري بيانن جي گلدستي جو مطالعو بيحد مفيد آهي، پاڻ هي كتاب و رسائل ۾ تحڙيري بيان دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان لوڊ كري پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجن گهر وارن كي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني كمن مان هك ديني كم: نيك اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! نيك بڻجڻ، گناهن كان بچڻ ۽ نيكين تي استقامت حاصل كرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني كمن ۾ بہ خوب حصو وٺو! ان جي بركت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني كمن مان هك ديني كم آهي: نيك اعمال جي رسالي مان روزانو جائزو وٺڻ.

۞ پنهنجي اصلاح كرڻ ۽ پاڻ كي شيطان كان بچائڻ جو بهترين طريقو اهو ئي آهي تہ اسان پنهنجين عادتن، پنهنجي كردار ۽ پنهنجن عملن جو جائزو وٺون. دورِ حاضر ۾ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو ڏنو آهي: رسالو نيك اعمال ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن لاءِ نيك اعمال رسالي ۾ 72 سوال جواب لكيل آهن ۞ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن ۞ روزانو سوال پڙهي پنهنجو جائزو وٺڻو هوندو آهي ۽ خانا پرڻا هوندا آهن ۞ درست اسلامي زندگي گذارڻ جو هي بهترين نسخو آهي ۞ ان جي ذريعي نہ ڄاڻ كيترن جي اصلاح ٿي چكي آهي. اوهان بہ هي رسالو خريد كريو! نيك اعمال جي مطابق روزانو جائزو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۞ اخلاق سنوري ويندا ۞كردار سنو ٿيندو ۞ عادتون بهتر ٿينديون ۞ نيكين تي استقامت ملندي ۞ گناهن كان نفرت ٿيندي ۞ دل روشن ٿيندي ۞ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي ۞ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ۞ روحانيت ملندي ۽ ۞ فكرِ آخرت نصيب ٿيندي.

## روزانو جائزو وٺڻ جو انعام

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ الحمدلله! مون کي نيڪ اعمال سان پيار آهي ۽ ان جي ذريعي روزانو پنهنجو جائزو وٺڻ منهنجو معمول آهي. هڪ ڀيري مان دعوتِ اسلامي جي قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ صوبي بلوچستان (پاڪستان) جي سفر تي هيس. ان دورانِ مون گنهگار تي ڪرم ٿي ويو. ٿيو ايئن جو رات جو جڏهن سُتس تہ منهنجي ستل قسمت جاڳي پئي، پيارا آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف وٺي آيا، اجا جلون ۾ گم هيس تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪي قافلي ۾ روزانو نيڪ اعمال جي رسالي مان پنهنجو جائزو وٺندا آهن مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندس.

شکریہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفےٰ | کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

## اسلامڪ اي بڪ ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ جي طرفان اسلامڪ اي بڪ لائبريري ايپلي ڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي، هن ايپلي ڪيشن ۾ هي بهترين آپشنز (Options) موجود آهن: Aدعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل تقريبن سيئي ڪتاب ۽ رسالا (تقريبن 43 زبانن ۾) هن ايپليڪيشن جو حصو آهن ۞ هفتيوار اجتماع ۾ ٿيندڙ تحريري بيان ۞ ماهوار مدني مشورن جا مدني گل ۽ مدني مذاڪري جا سوال جواب (مختصراً) بہ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويندا آهن. اڄ ئي هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري وٺو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چند ضروري اعلان

۞ هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائن ٿا، ايندڙ هفتي بہ رات عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً 9 لڳي 45 منٽن تي مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. تمام ذميدارَ ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين ۞ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو "طبي ۽ روحاني علاج" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب لاءِ ٻين ڏانهن به شيئر (Share) ڪيو! ۞ مڪتبة المدينہ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان جي ڀاءَ مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪربلا جي واقعي جي باري ۾ درست معلومات تي مشتمل ڪتاب "آئينہ قيامت شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. توهان هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان 100 رپين ۾ حاصل ڪيو، پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي، سنت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ منهنجي ساٿ هوندو. (1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: سيني سرمن ۾ بهتر سرمو اثمد آهي جو اهو نگاهه کي روشن ڪندو ۽ پلڪون ڄمائيندو آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول! پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل بقصدِ زينت (يعني خوبصورتي جي نيت سان) مرد کي لڳائڻ

1...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343-

2...ابن ماجه، ڪتاب الطب، باب الكحل بالاثمد، صفحه:566، حديث:3497-

مڪروه آهي ۽ زينت مقصود نہ هجي تہ ڪراهت ناهي، سرمو رات جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنت آهي ۞ سرمو استعمال ڪرڻ جي 3 منقول طريقن جو خلاصو پيشِ خدمت آهي: (1): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ 3، 3 سرائيون (2): ڪڏهن ساڄي اک ۾ 3 سرائيون ۽ کاٻي اک ۾ 2، (3): تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ 2، 2 ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي ئي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو، هن طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! تڪريم جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا، اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ ساڄي طرف کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان ساڄي، پوءِ کاٻي اک ۾ سرمو لڳايو. [1]

عجب نہیں کہ لکھا لوحِ کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں [2]

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي بهارِ شريعت جلد:3، حصو:16، ۽ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 100 صفحن جو ڪتاب "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن ڀرپور سفر پڻ آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا | چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
عِلْم حاصِل کرو، جَہْل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو [3]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

---

1... 550سنتیں اور آداب، صفحہ:38۔
2... سامانِ بخشش، صفحہ:147۔
3... وسائلِ بخشش،صفحہ:669 ملتقطًا۔

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151 ملخصًا

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]... القول البديع، الباب الثانى، ص277

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

---

[1]… افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[2]… القول البدیع، الباب الاول، ص2125

[3]… الترغیب والترھیب، ج 2، ص 329، حدیث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455